عبدالفتاح سپرو

# شيخ اياز تي شاهہ لطيف جي شاعريءَ جا رومانوي اثر

***Abstract:***

**The Influence of Shah Abdul Latif's Romanticism on Sheikh Ayaz's Poetry.**

*The poetry of Shah Abdul Latif Bhittai (1689–1752) is a cornerstone of Sindhi romanticism, blending Sufi mysticism with themes of love, heroism, and nature. His verses, rich in emotional intensity and vivid imagery, laid the foundation for later Sindhi poets, most notably Sheikh Ayaz (1923–1997), who drew deeply from Bhittai's romantic tradition while infusing it with modernist sensibilities.*

*Bhittai's portrayal of legendary lovers—such as Sassui, Sohni, and Marui—exemplifies a romantic idealism that transcends time, merging human passion with spiritual yearning. His depictions of nature as a mirror of emotion and his celebration of courage in ballads like Sur Suroor established a poetic legacy that resonated with subsequent generations. Sheikh Ayaz, a towering figure in modern Sindhi literature, inherited this romantic ethos but reinterpreted it through contemporary existential and political lenses.*

*Ayaz's poetry echoes Bhittai's romantic motifs_unrequited love, the agony of separation, and the sublime beauty of the Sindhi landscape_ yet frames them in a more personal, often rebellious voice. Works like "Tun Sori Tun Sadaa" (You are the Call, You are the Voice) and "Heeun Hik Kisso"(a story) reflect Bhittai's influence in their lyrical depth and emotional resonance, while also addressing modern struggles. The interplay between Bhittai's spiritual romanticism and Ayaz's socio-political consciousness highlights the enduring relevance of romantic themes in Sindhi literature.*

*Ultimately, Bhittai's romanticism served as both inspiration and a point of departure for Ayaz, demonstrating how classical traditions can evolve to meet contemporary artistic and intellectual demands. Their poetic dialogue enriches Sindhi literature, bridging centuries of thought while preserving the timeless power of love, longing, and resistance.*

**جيئن** دنيا ۾ سائنسي، سياسي سماجي ۽ ٻين علمن ترقي ڪئي آهي، تيئن ادب جي جهان ۾ بہ وقت بوقت ڪيئي نيون تحريڪون، رجحان ۽ لاڙا پيدا ٿيندا رهيا آهن، جنهن سبب وقت سِرِ فن، فڪر ۽ اسلوب ۾ پڻ تبديليون رونما ٿينديون رهيون آهن. اهڙين تحريڪن، رجحانن ۽ لاڙن ۾ ڪلاسيڪيت، (Classicism) جديديت، (Modernisim) نيوڪلاسيڪيت، (Neo-Classicisim) مابعد جديديت، (Post-Modernisim) وجوديت، (Existentialisim) حقيقت نگاري، (Realisim) علامت نگاري، (Symbolisim) انسان دوستي، (Humanisim) فطرت نگاري (Naturalisim) روشن خيالي، (Enligtenment) ترقي پسندي، (Progressivism) عقليت پسندي، (Rationalism) سريليزم، (Surrealisim) قوم پرستي، (Nationalisim) جهڙا لاڙا، رجحان ۽ تحريڪون اچي وجن ٿيون. رومانويت (Romanticism) ادب جي هڪ اهم تحريڪ آهي. هن تحريڪ نہ فقط عالمي ادب جي دنيا تي گهرا اثر ڇڏيا، پر ان سان گڏوگڏ مدي خارج اصولن، قاعدن ۽ قانونن کي ٽوڙي مروڙي ادبي دنيا ۾ هڪ نئين تبديلي رونما ڪئي، جنهن سان دنيا جي ادب ۾ نون نظرين، تصورن ۽ خيالن جنم ورتو، جن ادب کي اڃا وڌيڪ شاهڪار ۽ دلچسپ بڻايو. اسان وٽ اڪثر ڪري پيار، محبت جي قصن، ڪهاڻين ۽ ڳالهين يا پيار متعلق گفتن ۽ شعر وشاعريءَ کي رومانويت سمجهو وڃي ٿو، پر رومانويت (Romanticism) لفظ جون ڪيئي وصفون آهن. جڳ مشهور انگريز محقق مچيل فربر (Maclae,Ferber) رومانيت لفظ جي اصليت بابت راءِ ڏيندي لکيو آهي تہ:

"Romantic ultimately derives from latin Roma, the city of Rome, for surely the prevalent image of the ancent Romans for many centuries now is that they were the least Romantic of peoples."(1)

(بنيادي طور تي رومانٽڪ لفظ اطالوي ٻوليءَ جي هڪ لفظ 'روما' (روم ملڪ جو شهر) مان ورتل آهي، يقين سان چئي سگهجي ٿو ته، اڄ به ڪيترين صدين پڇاڙا قديم 'رومين' جي لاءِ اهو عام تصور آهي، ته اهي گهٽ ۾ گهٽ رومانوي قسم جا ماڻهو هئا. )

هڪ ادبي اصطلاحي لغات (A Dictionary of Literary terms and Literary Theory) ۾ (Roman) لفظ جي تشريح هن ريت ٿيل آهي:

"In literary history, one of the earliest dates it appears as 1140 when roman denoted a story in verse adapted from latin legends. Originally roman referred to imaginative works in the vernacular, mainly the medieveal French verse epics, By the 12th c. it was applied to works in prose."(2)

(ادبي تاريخ ۾، سڀ کان ابتدائي تاريخن منجهان اهو لفظ 1140ع ڌاري ظاهر ٿيو، جڏهن رومان جو اظهار لاطيني ڏند ڪٿائن جي اثر هيٺ اختيار ڪيل ڪنهن منظوم قصي يا ڪهاڻيءَ جي لاءِ استعمال ڪيو ويو. بنيادي طور تي رومان ڪنهن تصوراتي ڪم، جيڪو مقامي ٻولين يا خاص طور تي وچئين دور جي فرانسيسي ٻوليءَ جي لکيل منظوم رزميه داستان جي متعلق استعمال هيٺ آيو. جڏهن ته ٻارهين صديءَ کان ان لفظ جو اطلاق نثر ۾ ٿيندڙ ڪم جي لاءِ ٿيو.)

انسائيڪلوپيڊيا آف لٽرري رومانٽسزم (Ecyclopadia of Literary Romanticism) ۾ لفظ رومانويت جي تعريف هن نموني سان ٿيل آهي:

"The first use of the word romantic in a literary sense seems to have emerged in Britain in the 1600s to mean something written in French, one of the Romance languages (as opposed to the more clinical Latain). It was associated with quest narratives in which knights rescued ladies from firebeathing dragons. A century later, in 1755, Dr. Sumuel Jonhnson, editor of the famous dictionary, described "Romantick" as resembling the tales or romances; wild, improbable; false; fanciful; full of wild scenery."(3)

(ادبي مفهوم ۾ رومانٽڪ لفظ جو پهريون ڀيرو استعمال 1600ع ڌاري برطانيه ۾ ٿيو. جنهن جي معنيٰ رومانس ٻولين منجهان فرينچ ٻوليءَ (ڪلينيڪل لاطينيءَ کان وڌيڪ مخالف) ۾ لکيل ڪا شيءِ يا تحرير وغيره. جڏهن ته، اهو لفظ ڪجهه اهڙن فرضي قصن ۽ ڪهاڻين سان به جڙيل رهيو، جنهن ۾ گهوڙي سوار ويڙهاڪ، جيڪو عورتن کي باهه اوڳاڇيندڙ بلائن کان بچائڻ جي جستجو ڪندو هو. هڪ صدي گذرڻ بعد تقريباً 1755ع ۾ هڪ مشهور لغت (آڪسفورڊ) جي ايڊيٽر سيموئل جانسن 'رومانٽڪ' لفظ کي اهڙي افسانوي يا رومانوي داستانن جي لاءِ استعمال ڪيو، جيڪي غير مهذب، قياسي، فرضي، وهمي ۽ جهنگلي منظرن سان ڀريل هجن. )

فريڊرڪ شليگل پنهنجي ڀاءُ وليم ڏانهن 1793ع ڌاري هڪ خط لکي ڪيس رومانويت لفظ بابت آگاهي ڏيندي چيو ته:

"I can not send you my explanation of the word romantic, because it would be 125 sheets long"(4)

(مان توکي رومينٽڪ لفظ جي وضاحت نه ٿو موڪلي سگهان، ڇاڪاڻ ته اها هڪ سئو پنجويهه صفحن تي مشتمل آهي. )

ايف. ايل. لوڪس پنهنجي ڪتاب (The Decline and fall of the Romantic ideas) ۾ رومانويت جون ٻارنهن هزار ٽي سئو ڇهانوي (11396) وصفون بيان ڪيون آهن!

اردو ٻوليءَ جي اسڪالر علي عباس جلالپوري رومانويت لفظ جي وصف هن ريت بيان ڪئي آهي هو لکي ٿو ته:

"پہلی صدی قبل مسیح میں جولیس سیزر کی فتوحات کی وجہ سے، موجودہ فرانس پر اہل رومہ کا سیاسی تسلط قائم ہوگیا. اتنی حد تک کہ رومی حکمرانوں کی زبان لاطینی تھی، جس کے الفاظ اور تراکیب مقامی بولیوں میں شامل ہوگئی تھیں اور ایک نئی زبان وجود میں آئی، جس کو "رومانہ لنگو" کہا گیا. وہ قصے سحر انگیز واردات، عشق محبت اور بہادری کے کارناموں پر مشتمل ہوتے تھے. اس لیے ان عناصر کی رومان کا ترکیبی جز قرار دیا گیا."(۵)

ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي راءِ آهي ته: ”رومانس فقط محبت جو ذڪر ئي نه آهي. رومانويت ته تخيل سان پريل اها نگاهه آهي، جيڪا ڪنهن به ڳالهه يا خيال کي اهڙيءَ سٽ ۾ تبديل ڪري ٿي، جنهن کي پڙهڻ سان ڪو به ماڻهو اهو نه ٿو چوي ته ’اهو سچ آهي.‘ پر هو بي ساخته چئي ٿو ويهي، ’اها ته حسين ڳالهه آهي.‘ محبت بلاشڪ ته تخيل جي ڏار لاءِ زهر جو پاٽي آهي. پر پوءِ به جڏهن رومانس ادبي اصطلاح طور تي استعمال ٿئي ٿو، ته ان جي معنيٰ عام رواجي نه ٿي رهي. بلڪ اهو حسن ۽ تخيل جي هڪ وسيع ڪائنات بڻجي وڃي ٿو. هڪ لحاظ کان رومانويت ماڻهوءَ جي اندر ۾ تپي آهي، هڪ داخلي قوت آهي، جيڪا تصورن جي هڪ اڃاتي ۽ اندروني دنيا تان پردو کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. حقيقت پسندي، ڪلاسيڪيت ۽ ترقي پسنديءَ جي ابتڙ اها ٻاهر جي سماج بجاءِ اندر جي سماج ۾ موجود حُسن جي ڳولا ڪري، ان کي تخليقي شڪل عطا ڪري ٿي. لفظن وسيلي لُطف ۽ حُسن جي تخليق، يادن جي دنيا سان عشق، هڪ لاڳيتي بيچينيءَ جو اقرار، نئين شيءِ تخليق ڪرڻ جي جستجوءِ موجوده روايت کي نڪرائي نئين روايت جو بنياد وجهڻ ئي رومانويت آهي.“ (٦)

متي ڏنل مختلف حوالن توڙي ڊڪشنرين جي معنائن ۽ وصفن اهو معلوم ٿئي ٿو ته رومانويت لفظ هوندءَ ته پنهنجي اندر وسيع معنيٰ ۽ مفهوم رکي ٿو، جنهن جون هتي سموريون وصفون بيان ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي، پر تنهن هوندي به اهو چئي سگهجي ٿو ته ”رومانويت“ لفظ نه فقط من گهڙت، خيالي تصورن، فرضي قصن ۽ ڪهاڻين لاءِ استعمال ٿيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ پيار، محبت ۽ عشق جا قصا، سورمين توڙي سورمن جي بهادريءَ، شجاعت، سورهيائپ ۽ جنگجو، جوانن جا رزميه داستان به ان جي زيب زينت رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ اهو به معلوم ٿيو آهي ته رومانوي شاعر جي اها ڪسوٽي هرگز نه آهي ته سندس شاعريءَ ۾ رومانيت جي رنگن مان ڪو هڪڙو رنگ يا ڪا هڪ جهلڪ موجود هجي ته ان کي اسين رومانوي شاعر چئون، اهو درست نه آهي، پر ان جي شاعري رومانيت جي هڪ صفت، هڪ قسم مڃيو ويندو.

”سنڌي شعر ۾ رومانيت ڪنهن باقائده تحريڪ جي شڪل ۾ ڪان آئي، چاڪاڻ ته رومانيت جا ڪي اصول بنهه شعر ۽ شاعريءَ جي ذات ۾ سمايل آهن، تنهن ڪري اڪثر قسم جي شعر ۾ رومانيت جو پرتوو ملي ٿو. جيڪڏهن ڊگهي نظر سان ڏسبو ته هر نئون فن پنهنجي وقت جو رومانوي فن آهي، چاڪاڻ ته جدت يا نواڻ (Newness or Strangeness) ۽ ايجاد (Invention) رومانيت جا خاص ڪردار آهن.“ (٧)

دنيا جي ڪنهن به خطي جو ادب رومانويت جي عنصر کان خالي نه آهي، اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جو ادب به شروعات کان وٺي هن عنصر سان مالامال رهيو آهي. سومرن جي دور تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن دور جو ادبي مواد لکت جي صورت ۾ نه ٿو ملي، پر هن دور ۾ سسئي پنهون، عمر مارئي، ليلا چنيسر، مومل راڻو، سهڻي ميهار، سيف الملوڪ، سورٺ راءِ ڏياچ جي عشق، محبت ۽ وفا جا قصا ملن ٿا، جن کي رومانوي داستان سڏيو وڃي ٿو. هن ئي دور ۾ سومرن ۽ گجرن، دودي چنيسر، چارڻ هالي ۽ همير سومري جي جنگ، جي جوڌن جوانن جي ارڏائي، شجاعت، بهادري، دٻدٻي ۽ دهشت جا داستان، انهن جي وچ تي ڳاهن سان گڏ بيت به ملن ٿا. جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ رومانويت جي بنيادي حيثيت رکن ٿا. پر متي ڏنل رزميه داستانن جي جنگين ۽ معرڪن ۾ پيتن ياڻن ۽ چارڻن جون چيل ڳاهون ملن ٿيون. هن ئي دور ۾ اسان کي شاعريءَ جي هڪ ٻئي صنف ڳيچ يا سهرو پڻ ملي ٿو. جنهن کي اڃا تائين ڪٿي ڪٿي ڀهراڙين ۾ عورتون ڳائن ٿيون. سِهري ۾ اڪثر ڪري گهوٽ توڙي ڪنوار جي سونهن ۽ سگهڙائپ جي تعريف ڪيل هوندي آهي. جيئن ڪنوار جي سونهن سوڀيا جي تعريف ڪندي هڪ لوڪ گيت ۾ چيو ويو آهي، ته :

ڪامڻ ٻولان ٻول لڳي، ڪامڻ زوران زور لڳي،
رتڙي ميندي‌ءَ وانگر لڳي، چُلي چندن وانگر لڳي.(٨)

وري ڏسجي تو تہ گهوٽ جي ماءُ، ڀيڻ، ڦڦي، ماسي، مامي، چاچي يا ڪا بزرگ عورت جي بي انتها پيار سبب گهوٽ جي سونهن ۽ خوبصورتي جي واکاڻ ڪرڻ هڪ فطري عمل آهي. جنهن ۾ هو ڪنهن ٻئي ڪي مٽ ثاني ناهن ڪنديون پلي ڪٽي اهو گهوٽ ڇڄُو، ڪاٽو يا ٽيڏو چو نہ هجي، تنهن هوندي بہ ساڻس پيار جو اظهار ڪندي ٻيون چونديون آهن:

اکيون لاڏل جون ٻرن مشالا،

ڪجل جوڙ بڻايو. . . . . . . . . . . . . . . . .

يا ڏندن جي سونهن کي ماڻڪ ۽ موتين سان تشبيهہ ڏيندي ٻيون چونديون آهن:

ڏند سهڻل جا ماڻڪ موتي،

سرخيءَ جوڙ بڻايو. . . . . . . . . . . . . . . . (٩)

رومانويت جو اصل مقصد ڪنهن بہ شيءِ کي تشبيهہ ڏئي ان جي اصل سونهن کان وڌيڪ خوبصورتي ۽ حسن پيدا ڪرڻ آهي. اهڙي نموني لوڪ شاعريءَ کان سواءِ جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ٻين شاعراڻين صنفن تي نظر وجهنداسين تہ انهن ۾ بہ اسان کي انساني حسن پرستي کان سواءِ پنهنجي ڌرتي، ڌرتي ڌڻين، فطرتي ماحول جي حسين منظرن جون اجتماعي توڙي انفرادي اظهار جون ڪيئي خاصيتون معلوم ٿينديون، جيڪي رومانويت جي صفتن واري دائري ۾ شمار ڪري سگهن ٿيون.

سنڌي ادب ۾ سومرن جي دور کي بنيادي حيثيت حاصل آهي، ان بعد سمن جو دؤر شروع ٿئي ٿو، جنهن کي تعميري دؤر چيو ويندو آهي. هن دوؤ ۾ نيم عشقيہ ۽ عشقيہ قصا ملن ٿا، جن ۾ وچ تي شاعرن بيت ۽ ڳاهون ڏنيون آهن. ان کان سواءِ هن دؤر ۾ شيخ چوهڙ جمالي، مخدوم احمد ڀٽي، شيخ حماد جمالي، نوح هوٿياڻي ۽ راڄيو ستيو دل جا نالا سرفهرست آهن. هن ئي دؤر ۾ اسحاق آهنگر جو هڪ بيت ملي ٿو، جيڪو رومانويت جي رنگ ۾ رتل آهي، جنهن ۾ محبوب سان ملڻ جي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي:

ٽيان مان جهرڪ، وهان پرينءَ جي ڇڄ تي،

مان ڪرن ڊرڪ، ٻولي ٻاجهاري مون سين.(١٠)

ان کان پوءِ قاضي قادن، شاهہ ڪريم (1538ع 944ھ - 1623ع 1032ھ)، شاهہ لطف الله قادري (1611ع - 1679ع)، ميون شاهہ عنات (1030ھ - 1035ھ) جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيترائي بيت موجود آهن، جن ۾ رومانويت جو عنصر موجود آهي.

شاهہ عنات کان پوءِ شاهہ لطيف (1689ع - 1752) سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اعليٰ پايي جو هڪ اهم ۽ نشانبر شاعر پيدا ٿيو، جنهن سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ نين روايتن جي بانيڪار ۽ تخليقي روايتن جي خالق طور ملڪين شهرت ماڻي. لطيف سنڌي شاعريءَ جي فن توڙي فڪر ۾ ڪيئي نوان موڙ، رجحان ۽ لاڙا پيدا ڪيا. سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي نيون ڏارائون ۽ ڪيترائي اڻڇهيل موضوع ملن ٿا، جن کي شاهہ لطيف کان اڳ ڪنهن بہ شاعر نہ ڇُهيو هو.

ان کان سواءِ شاهہ جي رسالي ۾ مضمون جي لحاظ کان ٻيا موضوع بہ شامل آهن، جن مان رومانيت هڪ اهم موضوع آهي. سندس رسالي جي هر بيت، وائي، داستان مان رومانويت جهلڪي رهي آهي. خاص ڪري ان سلسلي ۾ سندس سُر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، سسئي جا پنج سر، سارنگ، سري راڳ، ساموندي، ليلا چنيسر، برووو، مومل راڻو، مارئي، سهڻي، ڪاموڏ، ڪيڏارو، بروو سنڌي، پورب، سارنگ ۽ ڪُنيات وغيره، ڳڻائي سگهجن ٿا. اسان مٿي ٻڌائي چڪا آهيون تہ شاهہ لطيف کان اڳ جيڪي بہ شاعر ٿي گذريا آهن، انهن جي شاعريءَ ۾ رومانويت جون ڪي نہ ڪي خوبيون ضرور موجود آهن، پر شاهہ لطيف اهو واحد شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ حسن جي تلاش، تخيل جي فرواني، احساس جي گهرائي، پيار محبت جا داستان، عشق جا الستي رنگ، جذبات جو اظهار، اُمنگون ۽ آهون، حسرت ۽ نا اميدي، سوز ۽

گداز، سخين، سورمين ۽ سورمن جي سورهيائپ جا قصا، جوڌن جوانن جي دليري ۽ شجاعت جا رزميہ توڙي عشق جا الميہ داستان پڻ موجود آهن. جيڪي رومانوي شعر جا خاص عنصر ليکيا وڃن ٿا. جيئن شجاعت جي ڳالھ ڪندي چوي ٿو:

سُوريءَ سَڏُ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وَڃڻُ تَن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

***

ڪلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، پاکر جو پائي،
اَڄَا اُنکي جِيئڻ جو، آسَانگو آهي،
سُورِهُ سو چائي، جو رُڳو رڻُ گهري.

***

سُورهَ مَرين سوپَ کي، دِل جا وَهمَ وسارِ،
هَڻُ پالا وِڙهُ پاکرين، آڏي ڍال مَ ڍارِ،
مَٿان تيغ تَرارِ، مَارِ نہ مَتَارو ٿئين.(١١)

مٿين بيتن مان سورهيائپ، بهادري سان جنگ جي ميدان ۾ بغير پاکر پائڻ جي جنگ ۾ وڙهڻ، سِرَ جو سانگو نہ ڪرڻ، سوپ لاءِ دل جا وهم وسارڻ، پالن سان وڙهڻ بعد هڪ ٻئي کي ٻَکَ وجهي ماتِ ڪرڻ. جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي بچاءَ لاءِ ڍال نہ جهلڻ، بي خوفي ۽ بهادريءَ سان وڙهڻ، دشمن مٿان تلوار ڦهڪائي ڪيڻ، سوڀارو ٿيڻ، سوريءَ تي چڙهڻ سبب نينهن وارن ۾ نالو ڳڻائڻ وغيره رومانوي عنصر آهن. اهڙيءَ طرح شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ عشق، عاشق ۽ محبوب تنهي سان لاڳاپيل جدا جدا ڪيفيتون پڻ موجود آهن، جنهن کي اڪثر ڪري ئي رومانويت جو بنياد سمجهو ويندو آهي. شاهہ لطيف پنهنجي محبوب سان پيار جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

اکين ۾ تي ويهہ، تہ آءٌ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آءٌ نہ پسان ڪي پيو.(١٢)

اها عاشق جي عشق جي انتها آهي جو هو پنهنجي محبوب کي اکين ۾ ويهاري اکين جون پنبڻيون بند ڪري ڇڏي ٿو، جتي سندس پرينءَ کي ڪو بہ نہ ڏسي سگهي، آخري بند ۾ چوي ٿو تہ اي محبوب منهنجي بہ اها ئي تمنا آهي، جو آءٌ بہ ڪنهن کي نہ ڏسان. ان کان پوءِ وري سُرڪنيات ۾ محبوب جي سونهن سوڀيا جي چنڊ سان ڀيٽ ڪندي چوي ٿو تہ :

چوڏهينءَ چَنڊَ تُون اُڀرين سَهسِين ڪَرين سِينگارَ،
پَلَڪَ پريان جي نہ پڙين، جي جِيلَنَ ڪرين هَزارَ،
جَهڙُو تُون سَڀُ جَمارَ، تَهڙو دَمُ دُوستَ جو.(١٣)

چوڏهين چنڊ جي سهسين سينگارن واري سونهن کان لطيف کي پنهنجو محبوب وڌيڪ سهڻو ۽ حسين لڳي ٿو. چنڊ جي هزارن حيلن جي باوجود بہ هو پرينءَ جي پلڪ جو مَٽُ ۽ ثاني نہ ٿو سمجهي. سندس نظر ۾ چنڊ جي سموري عمر جي روشنائي جيڪا روز ازل کان روز آخر تائين ٿيڻي آهي، اها هُن جي محبوب جي هڪ گهڙيءَ جي جلوي برابر بہ نہ آهي. شاهہ جي ڪلام ۾ رومانويت جون جيڪي خوبيون ۽ خصوصيتون موجود آهن، انهن ۾ عشق جو سواد ۽ لذت، سُورَ ۽ درد جون مختلف ڪيفيتون، سُورَ ۽ پور، سوچ ۽ لوچ، محبوب جا ناز، نخرا، لوچ ۽ لمڪ، چال چلت، شوخيون، بي لحاظي، بيوفائي، بي رخي، بي نيازي جهڙيون جيءُ جهوريندڙ ڪيفيتون شامل آهن. محبوب جون ڪوڙين ڪاپائون، پرينءَ لاءِ سُوريءَ تي چڙهڻ، سيج پسڻ، ڪلاڙڪي هٽ وڃڻ، مٿو ماڻيءَ وٽ رکڻ، سسئي جو، پنهنجي اڻ جاٽائيءَ تي پڇتائڻ، رڻ پٽ، بيابان، جهنگل توڙي جبل ۾ دانهون ۽ آهون ڪرڻ، ڏکي ڏونگر جو پاڙ ۾ اوسارا ڪري روئڻ پٽڻ، پٽرن ۽ پاهڻن کي

پٽون پاراتا ڏيڻ، ڏيرن کي ڏوراپا ڏيڻ، ڏاڳهن، ڏيرن، ڏونگرن کي ويري چوڻ، پنهل جي جدائيءَ ۾ جيءَ جو جهرڻ، واٽن تي دونهيون دکائڻ، جبلن جو ترو تانگهڻ، ڪپڙا ڏاجا ڪرڻ، چنيسر جي رسامي تي ليلان جو ليلائڻ، راڻي جي ڪاوڙجڻ تي مومل جون ميڙيون، منٿون ۽ آزيون نيازيون، حجت ڀريا ڏوراپا، سهڻيءَ جو پيار لاءِ درياءُ پار ڪرڻ، گهر وارن جا ويڻ سهڻ، سير ۾ سڏ ڪرڻ سميت سندس رسالي ۾ اهڙيون ٻيون ڪيئي ڪيفيتون شامل آهن، جن مان رومانويت جون ڪيتريون ئي ڏارائون برسات جيان وسندي نطر اچن ٿيون. شاهه جو اهو رومانوي انداز نه رڳو تخيل جو ڪمال آهي، پر سموري دنيا جي رومانوي شاعريءَ ۾ هڪ اهم حيثيت ۽ اهميت جو حامل پڻ آهي.

شاهه لطيف کان سواءِ ميان صاحب ڏنو فاروقي، خواجه محمد زمان لنواري وارو، مخدوم عبدالرحيم گروهڙي، سچل سرمست، سامي ۽ ڪن ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام ۾ رومانويت جا ڪيئي رنگ ۽ روپ موجود آهن. شاهه لطيف کان پوءِ ڪلهوڙن جي آخري دؤر ۾ عروضي شاعريءَ جا اهڃاڻ پڻ موجود آهن، جن ۾ حافظ حامد، ان بعد خليفو گل محمد گل هالائيءَ، آخوند محمد قاسم، روحل فقير، حمل فقير، قادر بخش بيدل، محمد محسن بيڪس، مصري شاهه محمد هاشم مخلص، محمد خان غني، فضل محمد ماتم، سيد فاضل شاهه، غلام محمد شاهه گدا، مرزا ٻيدل بيگ، سيد غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي کان مخدوم طالب المولىٰ تائين سمورن عروضي شاعرن جي شعر ۾ رومانويت جا مختلف رنگ موجود آهن، جيڪي اڪثر ڪري ايراني ماحول جي اثر هيٺ ملن ٿا. انگريزن جي دور ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جي ابتدا ٿي، هن دؤر ۾ جديد رومانوي شاعريءَ جو باقائده آغاز ٿيو، جنهن جي شروعات ڪشنچند بيوس (1885ع -1947ع) ڪئي. ڪشنچند به وليم ورڊس ورٿ جيان فطرت جي رنگينين ۽ نظارن سان پيار ڪندڙ هو. هُن فارسي شاعريءَ جي نرگس، شمع، پرواني، سنبل، گل و بلبل، گل و لالا، ساقي ۽ ساگر واري اوائلي تقليد ٽوڙي هڪ نئين روايت جو بنياد وڌو. هن نج سنڌي ماحول مان لفظ، تشبيهون، استعارا ۽ محاورا استعمال ڪري، عام ماڻهن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل مسئلن بابت خوب لکيو. سندس لکڻين جو محور پنهنجو ديس پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي هر خوبصورت شيءِ آهي، جنهن جي هُن ڪيترن ئي هنڌن تي منظر ڪشي ڪئي آهي. هڪ هنڌ فطرتي نظاري کي پنهنجي تخيل ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

سڀ ڪن تنهنجي ساراهه، قدرت وارا،
نرمل جوتي نور نظارا، قدرت وارا،
گلن اندر سرهاڻ ڏرين ٿو،
موتين سان مهراڻ ڀرين ٿو،
هيرا لعل هزارا، قدرت وارا،
ڇهنب چتن ۽ ڇيهن ڪولي،
بلبل، ڪوئل ٻولي ٻولي،
مور نچن ناميارا، قدرت وارا. (١٤)

ڪشنچند بيوس نور نظارا، سرهاڻ، موتي، مهراڻ، هيرا، لعل هزارا، چِتون، ڇيها، بلبل، ڪوئل، مور، ديسي الفاظ، محاورا ۽ اصطلاح استعمال ڪيا. جنهن بعد نارائڻ شيام، سڱن آهوجا، هوندارج دُکايل، ايم ڪمل، استاد بخاري، عبدالڪريم گدائي، تنوير عباسي، ابراهيم منشي، امداد حسيني، برڊو سنڌي، شيخ عبدالرزاق راز ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾رومانويت جا ڪيئي عڪس موجود آهن. هن دؤر ۾ شيخ اياز جو شعر رومانوي حوالي سان پنهنجي الڳ ٿلڳ حيثيت رکي ٿو. سندس خوبصورت تخيل ئي هُن جي اصل سڃاڻپ آهي. شيخ اياز به شاهه لطيف وانگر سوريءَ يا سوليءَ جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو:

تون سوري تون سڏ، تون ئي ساهه سريءَ ۾. (١٥)

وري شجاعت جي ڳالھ ڪندي چوي ٿو تہ:

هو آڏي ڍال نہ ڍارين تا. [١٦]

***

ساڳا لوھ نير، ساڳا پالا پاڪرين. [١٧]

شيخ اياز بہ شاھ لطيف واري ساڳئي ڳالھ ڪندي چوي ٿو تہ، بهادر، جنگجو ۽ سورھ ماڻھو جنگ جي ميدان ۾ موت کان نہ ڊڄندا آهن، بلڪ هو ويڙھ دوران سر جو سانگو لاهي اڪيون اکين ۾ وجهي بي خوف ٿي لڙندا آهن. اهي پنهنجي بچاءَ خاطر ڪا بہ ڍال يا ٻيو ڪو اهڙو اوزار استعمال ناهن ڪندا، جنهن سان جان بچائي سگهن، ڇاڪاڻ تہ هو ان کي بزدليءَ جو باعث سمجهندا آهن. اياز وٽ بہ سورمي لاءِ بهادريءَ جا ماڻ ۽ ماپا ساڳيا لطيف وارا ئي آهن. شاھ جي نظر ۾ بہ اصل بهادر اهو آهي، جيڪو جنگ جي ميدان ۾ لوھ جي اوزارن تيرن، تبرن، تلوارن، نيزن ۽ ڀالن کي ڦٽي ڪري دشمن سان ٻکين پئجي وڃي ٿو، ۽ وڙهندي وڙهندي دشمن کي پٽ تي ڪيرائي ميدان ملهائي ٿو. اهريءَ طرح شيخ اياز، شاھ لطيف جيان پنهنجي محبوب سان پيار جو ساڳيو ئي اظهار ۽ تمنا ڪندي چوي ٿو تہ، اي منهنجا محبوب توکي ٻيو ڪو بہ نہ ڏسي ۽ منهنجون اکيون بہ شال ڪنهن ٻئي کي نہ ڏسن، ڇاڪاڻ جو جڏهن پيار چوٽ چڙهيل هوندو آهي تہ عاشق کي معشوق جي پرسان گذرندڙ هوا کان بہ نفرت ٿي ويندي آهي، تہ جيڪر اها بہ منهنجي محبوب جي پير مان نہ گذري متان اها گرم هجي يا سرد هجي ۽ ان ڪري محبوب کي ڪا تڪليف پهچي. ٻئي سٽ ۾ وڇڙڻ جو درد آهي، جنهن جو بيان ڪندي چوي ٿو تہ، منهنجون اکيون توکي ياد ڪري ائين ٿيون نير هارين جيئن ساوڻ جو مينهن، اياز پنهنجي ڳوڙهن کي ساوڻ جي مينهن سان تشبيھ ڏني آهي، ڇاڪاڻ جو ساوڻ جو مينهن وڏڦڙو هوندو آهي.

توکي ڏسي ڪو نہ ٻيو، اکيون شال ڏِسن،

ساَ ريو اِئين ڦِسن، جئن ساوڻ ۾ مينهڙا. [١٨]

اياز محبوب جي هار سينگار ڪرڻ کان پوءِ ان سونهن، سوڀيا ۽ صورت کي چنڊ جي سونهن سان ڀيٽا ڏيندي چوي ٿو تہ، تنهنجي سنگ مرمر جهڙي اڇي اُجري ۽ صاف شفاف ڳلن تي هيرن جا هَارَ اهڙي نموني چمڪي رهيا آهن، جو چنڊ کي بہ اهڙو چمڪو مون ڪڏهن نہ ڏٺو آهي جهڙو تنهنجي سونهن آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ شاعر چوي ٿو تہ تنهنجي حُسن سان چنڊ بہ ڀيٽ نہ ٿو ڪري سگهي ۽ اهڙي چمڪ مون سڄي عمر چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ بہ نہ ڏٺي آهي.

موتي موتي ٿي ويو، سورت تنهنجو مُکُ،

ڏرتي ويڙهيو دک، تو جي ڏنا ٿهڪڙا. [١٩]

***

جَهرڪَن پَيا جهانءِ ۾، توتي هيرن هار:

اَهڙو چمڪو چنڊ کي، ناهِي سَبُ جَمار، [٢٠]

ان کان سواءِ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻيون بہ ڪيئي رومانوي ڏارائون ملن ٿيون، جيئن:

ڪائي چيز نہ اڇهي، هِيئون هَٽ نہ مون،

چئہ هِي ڪيو تون، ڪهڙو جادو جيءَ تي.

***

پاڻيءَ لٽي جِيئَن، پانڊُ، سڙي ٿو سچ ۾،

مون پڻ تون بن تيئن، ٿيو مَنُ وچڙي پيار کان.

❊❊❊

گُهور ڪري گهيرا، پَونر ڪوٽيءَ تي ڏنا،
جيئَن مون ڦيرا، تنهنجي ٻُنيي ٻاهران.[٢١]

سوريءَ جو سڏ، آڏي ڍال نه ڍارڻ، ڀاڪر وجهي ويڙهه ڪرڻ، محبوب کي اکين ۾ لڪائڻ، هيرن جي هارن جو جهانءِ ۾ جرڪڻ، جنڊ جي چانڊوڪيءَ کان محبوب جي سونهن کي وڌيڪ سمجهڻ، محبوب جي اڳيان ڪائي چيز نه اُجهڻ، ان آڏو هيئين جو وس ۾ نه هئڻ، سڄڻ جي وچوڙي ۾ ٻاند جيان سڙڻ، ٻنيي ٻاهران ڦيرا ڏيڻ، سورٺ جو مک موتي موتي ٿي وڃڻ، ڏرتيءَ جو ڏک کي ويڙهڻ. سڄڻ کي سارڻ سان هيرن جو هنج ۾ اچڻ، چنڊ کان پرينءَ جا پار پڇڻ، محبوب جي منهن جو مهڪڻ، معشوق جي انتظار ۾ تارا تڪڻ، رابيل جي رُت ۾ درد جو ڏُکڻ، سونهن سرنهن جي سرهِي سرهِي، نمن جو ٻور جهلڻ، ڦاڳ جو ڦٽڻ، رات انڌيري، واءُ ٽڏيري، سورج جو ڍرڪڻ وغيره سڀئي رومانويت جا مختلف روپ ئي ته آهن، جيڪي اياز جي شاعريءَ ۾ جاءِ بجاءِ ۽ ججهي انداز ۾ موجود آهن. ان ڪري اهو چوڻ ۾ ڪو به واڌاءُ نه ٿيندو ته شاهه لطيف جا شيخ اياز جي شاعريءَ تي رومانويت جا چٽا پٽا اثر موجود آهن، جنهن کان ڪو به باشعور انسان منهن موڙي نه ٿو سگهي.

## نتيجو:

جهڙي طرح دنيا جو ڪو به ادب رومانويت کان خالي نه آهي. ساڳئي نموني سان سنڌي ٻوليءَ جو ادب به شروعات کان وٺي هن عنصر سان مالامال رهيو آهي. سنڌي عشقيه داستانن کان وٺندي رزميه داستانن، ڪلاسيڪل شاعرن جي شعر کان وٺي جديد دور جي شاعريءَ ۾ هي عنصر ججهو ملي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شيخ اياز تي به شاهه لطيف جا جيڪي ٻيا اثر آهن، انهن سان گڏ رومانويت جا پڻ مختلف حوالن سان اثر موجود آهن. جن ۾ عشق جو سواد ۽ لذت، سُورَ ۽ درد جون مختلف ڪيفيتون، سُورَ ۽ پور سوچ ۽ لوچ، بهادري، شجاعت، جوان مردي، محبوب جا ناز، نخرا، چال چلت، محبوب جون شوخيون، بي لحاظي، بيوفائي، بي رخي، بي نيازي پرينءَ لاءِ سُوريءَ تي چڙهڻ، سيج پسڻ، محبوب جي سونهن سوڀيا جي تعريف ڪرڻ وغيره جهڙا رومانويت جا موضوع اچي وڃن ٿا. رومانويت جي حوالي سان هي پنهنجي نوعيت جو هڪ منفرد موضوع آهي، جنهن ۾ مختصر طور شيخ اياز تي شاهه لطيف جي رومانوي اثرن کي عيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اميد ته هي تحقيقي مقالو علم ۽ ادب سان اُنسُ رکندڙن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو ۽ مستقبل جي محققن لاءِ پڻ هڪ قسم جي راهه هموار ٿيندي، جنهن تحت هو سنڌي ٻوليءَ جي ٻين شاعرن جي هڪ ٻئي تي رومانوي اثر بابت تحقيقي مقالا لکي سگهندا.

## حوالا


١. Ferber, Michael, ‘Romanticisim: A very short introduction’, Oxford University Press, 2010, p:20.
٢. Cuddon, J., ‘A Dictonary of Literary terms and Literary Theory’, Willey Blackwell: A Johan wiley & Sons, Ltd., Publications, 2013, p:614.
٣. Maunder, Andrew, ‘Encyclopadia of Literary Romanticisim’, facts of file: An impartent of infobase Publishing, 2010, p:vi.
٤. Ferber, Michael, ‘Romanticisim: A very short introduction’, Oxford University Press, 2010, p:19.
٥. جلالپوری، علی عباس،(مقالہ)’اقبال کے رومانی افکار‘، ادبی دنیا‘، شمارہ ٨، ١٩٦٢ع، ص:٩.
٦. سميجو، اسحاق، (مرتب)، ’دل جو رستو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 15.
٧. مورائي، رڪيل، (تحقيق ۽ ترتيب)، مقالو: ’شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ رومانوي عنصر‘ (ارجن چاولا)، شاهه لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2015ع، ص: 389 – 390.
٨. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’ڳيچ‘، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1963ع، ص: 17.

٩. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو‘، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرس، ڪراچي، 2016ع، ص: 318.

١٠. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993ع، ص: 50.

١١. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2009ع، ص: 17 ۽ 361.

١٢. قاضي، امداد علي امام علي، (مرتب)، رسالو: پيغام شاهه عبداللطيف جو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو ٽيون، 1993ع، ص: 12.

١٣. ساڳيو، ص: 70.

١٤. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘، (جلد ٻيو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2005ع، 538.

١٥. شيخ اياز، ’شاعري-1‘، سهيڙ ۽ سنوار: تاج جويو، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2008ع. ص: 36.

١٦. ساڳيو، ص: 426.

١٧. شيخ اياز، ’شاعري-7‘، سهيڙ ۽ سنوار: تاج جويو، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع. ص: 446.

١٨. ساڳيو، ص: 401.

١٩. شيخ اياز، ’شاعري-2‘، سهيڙ ۽ سنوار: تاج جويو، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2023ع. ص:7.

٢٠. ساڳيو، ص: 74.

٢١. شيخ اياز، ’شاعري-7‘، سهيڙ ۽ سنوار: تاج جويو، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع. ص: 403-404.